ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

ماخذ تحقیقی مجلہ

OPEN ACCESS

**ڊاڪٽر شفيق احمد شاهاڻي**
اسسٽنٽ پروفيسر،جي.سي .يونيورسٽي حيدرآباد
**عبدالقدوس حسن راشد**
ليڪچرر، صدر اردو شعبو، جي.سي .يونيورسٽي حيدرآباد

# خليفي نبي بخش’ قاسم ‘لغاريءَ جي شاعريءَ ۾ عڪسيت هڪ تحقيقي اڀياس

**Dr.Shafiq Ahmed Shahani***
Assistant Professor GC University Hyderabad.
**Abdul Qudoos Hassan Rashid**
Lecturer and Incharge Urdu department, GC University Hyderabad.

***Corresponding Authors:**

## The Images in the poetry of Khalifa Nabi Bux ‘Qasim’

Imagination in the poetry of Khalifa Nabi Bux ‘Qassim’ (Laghari 1776A.D – 1663A.D). birth in starting era of Talpure at his four father’s village Mathi. He had seemed in appear in the series of classical poet. His poetry is full of literature topics. With qualities of his poem a glance of imagination is seemed in his poem, which toward here.

**Key Words:** *Mysticism, Imagination, Enlighting, Classical*

عڪل، اللّٰه تعاليٰ جي ڏنل نعمتن مان هڪ بهترين نعمت آهي .جنهن جي بنا تي انسان کي اشرف المخلوقات جو شرف پڻ ڏنو ويو .هن نعمت جي برڪت اها آهي ته انسان جي دماغ ۾ ڪيترائي خيال پيدا ٿين ٿا .۽ هو پنهنجي انهن خيالن کي حقيقي صورت ڏيڻ لاءِ، هو پنهنجي صلاحيتن جو استعمال ڪندي ڪافي نيون شيون ايجاد ڪندو پئي آيو آهي .جن جي ايجادن سبب روزگار توڙي سهوليات زندگيءَ جا ڪافي ذريعا پيدا ڪري رهيو آهي .سائنسدانن نيون شيون ايجاد ڪيون، عالمِ نت نوان رستا انسانن جي رهبريءَ لاءِ متعارف ڪرائيندا پيا اچن .ان ريت ادب ۽ شاعري وري قدرتي نظارن ۽ قدرت جي ڪمال ڪرشمن کي چڻ ته متحرڪ ڪري رهيا آهن .ان کان سواء هو سماجي، سياسي، معاشي ۽.

ماخذ تحقیقی مجلّہ

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

معاشرتي اوڻاين کي وائکو ڪندي ۽ انهن کي سڌارڻ لاء پنهنجين صلاحيتن کي اجاگر ڪندا پئي رهيا آهن. حقيقت ۾ شاعر اهڙا خيالي تصور ٺاهي پيش ڪندا آهن جنهن مان نئين ايجاد جو ڏس ملي وڃي ٿو. ۽ لاڳاپيل شخص ان تي غور ڪري حقيقت معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. بهرحال کهڙي به صورتحال هجي پر شاعر اهڙي شخصيت جا مالڪ آهن. چو جو هو عام انسان جي عڪل کان ڪجهه مٿائين حد تائين پهتل نظر اچي ٿو. چو جو هي عام انسان جي اک کان الجهيل رهي ٿو. وڏي ڳالهه ته هو لفظن جي نواڻ يا انهن جي مناسب استعمال جا رستا متعين ڪن ٿا. جيڪا حيرت انگيز هوندي آهي. هو خيالن ۾ اهڙا عڪس جوڙين ٿا. جن کي ڏسندي، ٻڌندي، ڇهندي، سوچيندي، حقيقت تي پحچڻ ۾ آساني ٿئي ٿي. اهڙا عڪس انسان جي زهن جي ذريعي انسان جي اندريئين ادارڪ کان ٿيندا خارجي صلاحيتن تائين به پهچن ٿا. ۽ قدرت جي انهن لڪل خزانن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا اچن ٿا. يا وري پنهنجن پنجن حواسن منجهان سوچڻ واري حس تي غور فڪر ڪندي خيالي تصويرون يا عڪس ٺاهن ٿا. جهڙوڪ ڪنهن ڳري آواز ٻڌڻ سان ذهن ۾ ڪو خوفناڪ ته ڪڏهن ڪنهن جوڏي جوان جو تصوير ذهن ۾ اچي ٿي. يا وري دل فريب ڪندڙ سندر آواز جن کي خوش آوازي لهرن سان ٻڌندي دل موهيندڙ ۽ نيڻن کي خمار ڏيندي محسوس ٿيندا آهن. ساڳيءَ طرح ڏسڻ واري حس ذريعي خوبصورت نظارا، يا ڪنهن حسينه جي خوبصورت تصوير يا حسن ادائيگي ڏسڻ وٺان هجي. جهڙا خوبصورت عڪس جڙندي نظر ايندا آهن. ڪڏهن وري اهڙي گفتگو ٿئي ٿي، جنهن ۾ ذائقي جي حقيقي يا معنوي لذت زبان جي ذائقي وارن ڇهڻ سان ٽڪرائيجي مٺي، کاري، ڪوڙي، فڪي يا ڇسي ذائيقن جا عڪس جوڙي وٺي ٿي ۽ چڻ اهي ذائيقا حقيقت ۾ سندس زبان کي ڇهندي محسوس ٿيندا آهن. ڪڏهن وري اهڙي خشبوءِ دار گفتگو ٿئي ٿي جنهن مان روح کي راحت ايندي چڻ ته ڪنهن باغيچي مان گذرندي معطر هوا ۾ ساهه کڻڻ جهڙا عڪس جڙندي محسوس ٿيندا آهن. ۽ هڪ گلاب، موتئي، صندل يا چنبيلي وغيره جهڙي خوشبوءِ کي سنگهڻ جي حقيقت تصّور ۾ ايندي آهي جنهن سان سنگهڻ وارا عڪس جڙن ٿا. يا وري ڪچهريءَ ۾ ويهندي ڪنهن شاعر جي شعري گفتگو ۾ ائين محسوس ٿيندو آهي، ته گويا ڪنهن باهه جي شعلن ۾ جلندو محسوس ٿيندو آهي، يا وري اهڙي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي، جنهن ۾ نيڻن کي برف کان وڌيڪ ٿڌڪار محسوس ڪرڻ جهڙا عڪس جڙي ايندا آهن. يا وري اهڙي ڪيفيت طاري ٿيندي آهي جنهن جي ذريعي ڪو ڇهاءُ محسوس ٿيندو هجي. جنهن مان پيار جهڙي صورت جڙي، پاڪر يا چمي ڏيڻ يا نيڻن کي نظري ڇهاءُ يا رخسارن کي ڇهندي ڪنهن نرمي ۽ لساڻ کي محسوس ڪرڻ جهڙن عڪسن کي پائنجي ٿو، ان کان علاوه ٻيا ڪافي عڪس آهن جيڪي انساني ڪيفيتن کي اجاگر ڪن ٿا. مثال

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

جنگ جي منظر ڪشي يا قدرتي آفتن جي تباهي ڪارين جي عڪسن وغيره جي تصوير ٺهي اچڻ وغيره جن کي بهترين نموني پيش ڪرڻ لاءِ شاعر ئي خوبصورت ذهن رکندڙ آهن .۽ هو صاف ۽ بي ريا عڪس پيدا ڪري قوم آڏو لفظن جي خوبصورت تصويرن ذريعي پيش ڪندا آهن .جنهن سان ٻولي توڙي اخلاقي پهلوئن جي واڌاري ۾ مدد ملي ٿي .اهڙن شاعرن مان اساسي شاعرن جي قطار مان ماضيءَ جو خوبصورت شاعر خليفو نبي بخش ’ قاسم ‘به ٿي گذريو آهي .

جنهن جي شاعري عڪسيت سان ڀرپور آهي .هتي آئون سندس شاعريءَ مان چند مثال پيش ڪندي سندس شاعراڻي صلاحتين کي اجاگر ڪندس پر ان کان پهرين عڪسن جي لغوي معنيٰ ۽ ماهرن جي راءِ وٺڻ ضروري سمجهان ٿو .جيڪي هن ريت هيٺ لکجي ٿو:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ:

عڪس :ذ :ضد، عداوت، وير، مخالفت، ) بلوچ،2017 ،ص(439

عبد السّتار بلوچ:

عڪس :ذ) :ع (ڀاڇو، اولڙو، پاڻي ۾ نظر ايندڙ تصوير، فوٽو يا ڇاپو ) . بلوچ،2006 ع، ص(539

عبد الرشّيد ميمڻ:

عڪس :عڪس :ذ :ضد، عداوت، وير، مخالفت، ) ميمڻ،2006 ع،(633

Opposition, spit, malice, grudge, malignity, animosity

لغوي معنيٰ کان پوءِ آئون هتي عڪس بابت جڙيل وصف جو اپياس ڪندس ان لاءِ تنوير عباسي ءِ جي ڪتاب شاه لطيف جي شاعريءَ مان اقتباس پيس ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندس جيڪا هن ريت آهي .

”عڪس ان حاصل ڪيل معلومات کي وري جاڳائڻ يا پيدا ڪرڻ جو نالو آهي .هوئن ته ڪي واقعا ۽ نظارا اسان جي لاءِ لاشعور ۾ موجود آهن؛ پر انهن ٻيهر ياد ڏيارڻ يا ٻيهر پيدا ڪرڻ جو نالو ’ عڪسي شاعري ‘آهي .

ڪنهن به هڪ يا هڪ کان وڌيڪ يا مڙني حواسن جي ڏنل معلومات کي وري تصوراتي وجود ۾ آڻڻ جي ڪوشش ٿيندي به ڪنهن اکين ڏٺي واقعي جو ذڪر ڪجي يا ڪنهن شئي جي ذائيقي جو احساس ڏياربو يا ته ان جي کهراڻ، لساڻ، گرم يا ٿڌي هجڻ، نرم، يا سخت هجڻ، يا ڪنهن چيز جي سرهاڻ يا بدبوءِ جو ذڪر هوندو ’ ويليڪ ‘۽’ وارن ‘لکيو آهي ته ” عڪس جو موضوع نفسيات توڙي ادبي اپياس ٻنهي سان واسطو رکي ٿو .نفسيات ۾ عڪس جي معنيٰ آهي، گذريل احساس ۽ محسوسات کي وري پيدا ڪرڻ، هرو ڀرو رڳو نظر جي احساس کي نه، عڪسيت رڳو نظرسان واسطو نه ٿي رکي .نفسيات جي ماهرن ۽ فلسيوفن ان کي گهٽن ئي درجن ۾ ورهايوي آهي رڳو ذائيقي جا ۽ سنگهڻ جا عڪس ناهن؛

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

پر ٿڌي، گرم ۽ دٻاءَجي حس جا عڪس پڻ آهن .ساڪن عڪس ۽ چرندڙ عڪس ۾ بہ اهم تفاوت آهي .

آءِ اي رچرڊ سن لکيو آهي تہ ”هر ممڪن حواس لاءِ سندس مطابق هڪ عڪس آهي .

سئنڊرس لکي ٿو تہ” شاعر پنجن حواسن کي چوري اهڙي ٿو معنيٰ ڪڍي جيڪا انهن مان محسوس ڪري سگهجي ٿي .ان کان پوءِ هو چھون حواس ڪتب آڻي ٿو، جيڪو انهن نون خيالن کي ترتيب ڏئي ٿو .نتيجي طور پڙهندڙ نہ رڳو شعر جو تاثر ٿو وٺي، پر پنهنجي حواسن کان با خبر ٿي شاعر سان گڏو گڏ شاعراڻي سمجهہ پڻ ماڻي ٿو .“

مٿين حوالن موجب شاعريءَ ۾ عڪس پيدا ڪرڻ جا مختلف طريقا ٿي سگهن ٿا .يا تہ ڪنهن نطاري جي چٽسالي يا تہ ڪنهن ماڻهوءَ جي مهاندن جو ذڪر اهڙيءَ ريت ٿيل هجي جو هوبهو اهو نظارو اکين اڳيان چٽائيءَ سان اتري اچي ان قسم جو عڪس ٿيو .نظري عڪس (visual image) ان کان سواءِ ٻڌل آواز سر جو بيان اهڙن لفظن سان ٿيل هجي جو ان جو پڙاڏو پيو ڪنن ۾ ٻڌجي تہ اهو ٿيو ٻڌڻ جو عڪس (auditory image) ان کان سواءِ ڪنهن ماحول يا چيز جوذڪر اهڙي ريت ڪجي جو ان جي خوشبوءِ يا بدبوءِ جو احساس ٿئي .تہ ان عڪس کي چئبو سنگهڻ جو عڪس، (Olfactory image) ڪنهن بہ شئي جي ذائيقي کي وري پيدا ڪرڻ جي ڪوشش کي چئبو ذائيقي وارو عڪس ( taste image)ڪنهن شئي جي لساڻ، کهراڻ، نرمي يا سختي جي بيان سان ڇهڻ وارو عڪس پيدا ٿيندو، ( Tactile) ۽ ٿڌي گرم جي تاثر کي پيدا ڪرڻ وارو عڪس ( Thermal image)ٿيندو ) .اقتباس :عباسي،2015 ع،ص157 ، 155)

هن مٿي بيان ڪيل عڪسن کي خليفي صاحب جي شاعريءِ مان ملندڙ مناسب عڪس پيش ڪجن ٿا .

ٻڌڻ وارو عڪس:

هن حس جو تعلق آواز سان آهي آواز سريلا هجن يا بي سرا يا خوفناڪ هجن يا دل پزير هجن سيني جو تعلق ٻڌڻ واري حس سان آهي .ٻڌڻ وارا عضوا ڪڻ آهن ڪنن ذريعي ٻڌي جيڪي شعوري يا لاشعوري شڪليون ٺهن تن کي ٻڌڻ وارا عڪس (Auditory image ) چئبو) :ڪيريو،2019 ع، ص 286)

پڪارون:

”ڳجهون ڳاڙهي وات مون لمندي ڏٺيون،
جيڪس مانجهي ماريا، رڻ ۾ پيس رات،
پرڀات، ٻڌم ٻانهيارين جون “.

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

)بلوچ،2005 ع،ص(48

بيت ۾ آيل نوان لفظ، ۽ انهن جي معنيٰ

لمندي :لڙندي، هيٺ لهندي

جيڪس :شايد، جيڪ

مانجهي) :ص (هن بيت ۾ وڙهندڙ ماڻهن جي وچ ۾ ' اڳواڻ 'سردار، سورهه، جنگجو، پهلوان

پرڀات :سج اڀرڻ کان اڳ وارو وقت، پرهه ڦٽي، وڏو صبح

پانهيارين :پانهين واري، چوڙيلي،) ص (تام سهڻي نازين.

هنن سٽن ۾ " پڪارون "لفظ جو تعلق آواز سان آهي .۽ ان کي ٻڌڻ واري حس جو عڪس چئبو، جو هن ريت جڙي ٿو:افغانين جو سردار شاهه تيمور اچي سنڌين جوڌن تي حملو ڪيو،اوچتي حملي سبب رات جي وقت رڻ ۾ سنڌن لاشن کي ڳجهون کائين ٿيون جنهن ڪري سنڌن وات ) چهنب (انهن شهيدن جي رت سان پريل آهن .جڏهن صبح ٿئي ٿو تڏهن انهن جي نازنين سهڻين عورتن جو پڪارون شاعر ٻڌي ٿو .تہ اهڙو هڪ جنگ جو ماحول وري ذهن تي اچي ٿو . جيڪو جنگ جي واقعي جهڙو اکين آڏو پيش ڪري ٿو .جنهن جي ٻڌڻ سان اهي پڪارون ڪنن تائين پهچي رهيون هجن ٿيون جنهن سان وري موٽائيندڙ هڪ عڪس جڙي ٿو.

رڙيون :

"مند ٿي، منڊل وڄنا ٻڏا سيِ ٻنيار،

هٽي مينهن منجهايا، رڙيون ڪن ريڊار،

تڙ واهڙ سيِ تيار ٿيا، پهري ڪانہ پنهوار،

مينهون ۽ ميهار، آگي آسودا ڪيا"

)بلوچ،2005 ع، ص(31

بيت ۾ آيل نوان لفظ:

منڊل) :سن (گول دائرو، شمسي نظام۾ سج چنڊ ۽ تارن جو دائرو، جماعت، منڊلي، جهنگل، تماشو، نظارو،

ٻنيار :ٻنيون پارا

تڙ) :سن، تٽ (ڪنارو، ڪنڌي، ڪناري وارو سوڪو هنڌ، گهيڙ، پيڙيءَ تي لنگر هڻڻ جي جاءِ، پتڻ، غسل، احتلام، کوهه

پنهوار :جنهن وٽ ٻڪرين جو ڌڻ هجي، ٻڪريون چاريندڙ ٻڪراڙ، پنهوار

آسوده :خوشحال، سکيا

ميهار :اسم فاعل مينهون چاريندڙ، مينهن جو ڌنار

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

هن سٽ ۾ آيل لفظ ” رڙيون “جو تعلق آواز سان آهي .جيڪو ڪنن واري حس ذريعي ٻڌڻ وارو عڪس جڙي ٿو .جنهن ۾ سارنگ يا ميهوڳي موسم جو هڪ منظر جڙيل آهي .مينهن گهٽي مقدار ۾ پوي ٿو، جيڪو ٻنيون ٻارا پري چڙي ٿو .تڏهن ريدار ويچارا منجهي ٿا پون، تہ سندن سيئي گس پاڻيءَ ٻوڙي ڇڏيا آهن .هاڻي جيڪي نازڪ جانور آهن، سي ڪيئن واپس ڪاهي وڃون تنهن ڪري هو واجهائيندي رڙيون ڪري رهيا آهن .گس نہ هئڻ ڪري ڪا بہ رڍ پهري نہ سگهي؛ پر مينهن ۽ ميهارن لاءِ تہ وري موجون ٿي ويون، چو تہ مينهن پاڻيءَ جو جانور آهي، جي پاڻيءَ ۾ ترندي خوش ٿينديون آهن .ان ڪري ِمينهن کين آسودو خوش ڪري ڇڏيو .

هن مان پنهوارن يا ريدارن جون رڙيون چڻ ڪنن ۾ ٻرندي محسوس ٿين ٿيون، جيڪي وري سالن کان ٻڌ پڙهڻ سان تازو ٻڌڻ ۾ اچي رهيون آهن سا شاعر جي ڪمال جي عڪاسي ڇئبي .

سڏ :

”نڪي تاڻي ترهو، نڪو ميڙي مڏ،
هتان سٽيو سڏ، ڪڏيو پوءِ ڪُلاب ۾ “
)بلوچ،2005ع،ص(27

بيت ۾ آيل نوان لفظ:

تاڻي :تائڻ، ڇڪي، وڌائڻ، ديگهہ ڏيڻ، پکيڙڻ، ڇڪي آڻڻ، لڪڻ، ڏسڻ، اڳتي وڌڻ، هلڻ

ترهو :ڪکن، ڪانن، ۽ ڪاٺين جون نوڙين، رسين سان تر ٻڌي ٺاهيل منجو ) ٻيڙيءِ کي جهلي بيهڻ لاءِ ڪلو

مڏ :ڪاٺين ڪانن جو ترهو، سيلاب جي پاڻيءِ کان بچائڻ لاٰءِ اڏيل پيهو، رڇ کي مٿي جهلڻ لاءِ ڪانن جو ٻڌل ڳڏو، ڪاٺين جي پري، ملڪيت، موڙي، سامان سڙو، ڪنوار کي مائيٽن کان مليل وڳو.

ڪُلاب) :ذ) (ع (ڪُتو، سگ، ڪلب جو جمع، واحد طور مستعمل

نوٽ :هتي ڪلاب جي معنيٰ لغت جي حوالي سان مليل بلڪل سهي آهي پر بيت ۾ آيل ماحول ان سان ٺهڪي نہ ٿو اچي .انهيٰ ڪري هن لفظ ” ڪلاب “کي ” ڪولاب “پڙهبو .جنهن جي فارسي اردو لغت ۾ پاڻيءَ جو تلاءُ ملي ٿي .جيڪا ٺهڪي بيهي ٿي .چو تہ ” ترهو “، ” مڏ “۽ ڪڏي پوڻ “جو تعلق پاڻيءَ سان جڙي ٿو، باقي ڪلاب واري معنيٰ ڪجهہ بہ نہ ٿي لڳيس .

يت جي سٽن جيڪو عڪس جڙي ٿو سو هن ريت آهي :

پاڻيءَ جي تلاءُ جي ٻي پر کان سڏ ٻڌي هن ترهو نہ مڏ پاڻيءِ مان ترڻ لاٰءِ ٺاهيو، بس !اللّٰه توهار ڪري پاڻيءِ ۾ ڪڏي لهي پوي ٿو، ۽ هن پار پهچي ٿو .جنهن مان پاڻيءَ جو عڪس، ترهي جو عڪس، مڏ جو عڪس، سڏيندڙ جو

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
**Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

عڪس توڙي تري وڃڻ جو عڪس جڙي ٿو، جيڪو وري ان دور جي ماحول کي موٽائي تازو ڪري ٿو .جڻ ماحول اڳيان ٿيندي ۽ ڪنن ۾ ٻرندي محسوس ٿئي ٿو .

ڪُٽڪ :

”ڪرها ! توڳل ڳنيڙيون، پوئي پايان پنج،
هلندي حبيب ڏي، ڪاچي !ڪُٽڪ ۾ ڪٽج،
ڏجهڻ ڏيئي ڏنج، مون کي سڄڻ ميڙئيين“
)بلوچ،2005 ع،ص(14

بيت ۾ آيل نوان لفظ:

ڪرها؛ اٺ

ڪٽڪ :ڪڻ ڪڻ) سنهو آواز (ناراضگيءَ وارو آواز، پنڪو، هڪ لفظ کان ٻه گهٽ ڳالهائڻ

ڪنج :ڪنجھ، ڪنجھڻ جو آواز بار وغيره جي ڪري نڪري.

ڏجهڻ :سرڻ، ڪامڻ، حسد ۾ پرجڻ، پوسرڻ، پچرڻ، بيزار ٿيڻ

ڏنج :ڏنجھ) :ذ(، تڪليف، جاکوڙ، آزار، مصيبت، رنج

ڳنيڙي :نندي هڙ، بجڪو، ڳنڍڻ، مڙهڻ.

هن سٽن ۾ ”ڪٽڪ “ لفظ سرڪنيات جي فصل ٻئين جي آخري سٽ ۾ موجود آهي .جنهن جو ان جو تعلق، آوازي حس سان آهي، منجهائنس ٻڌڻ وارو عڪس جڙي ٿو .بيت ۾ جيڪو عڪس جڙي ٿو سو ڪجھ هن طرح ليي ٿو .شاعر ’ڪرهي ’يعني اٺ سان مخاطب ٿي کيس پنج ڳهنڊڙيو، يعني پنج هڙون يا ڳنڙيون . اصطلاحي معنيٰ ۾ هدايت ٿو ڪري ته ڪاچي طرف منهنجي حبيب ڏي هلندي ڪڻ به نه ڪچجان يعني بار جي پوڻ سبب ڪنجهڻ جو آواز نه ڪيجاءِ ساڙوٽا تڪليف ڪائي به مونکي سڄڻ وٽ پهچائجانءِ.

هن بيت ۾ ” ڪٽڪ “جي آواز جي ڪڻ ڪڻ ڪنن تائين پهچندي محسوس ٿئي ٿي .ان کان علاوه اٺ تي ڳنڊڙيون رکڻ، هلڻ، ڪاچو، 7 محبوب جو ٺاڪ وغيره جا تصور ۽ انهن جون تصويرون هوبهو نظر اچن ٿيون .مخاطب جو آواز به هڪ آوازي عڪس ذريعي هڪ تصوير جوڙي ٿو .جنهن سان ٻڌڻ جو عڪس ظاهر ٿئي ٿو .

لارَ:

”متان ورچي چڙين، سندي پِرَ پچار،
وڃائج وجود ۾، جئن سا گهنديءَ لارَ “
)بلوچ،2005 ع، ص(30

بيت ۾ آيل نوان لفظ:

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

ورج :مصدر ورچڻ :ڪڪ ٿيڻ، بيزاري ٿيڻ، خفي ٿيڻ، منجهي پوڻ،

پر :پرُ :ذ) سن، پر (پرين، پيارو

لار :ت :قطار ، تند، پاٽيٺ جي سنهي وهڪ، ڏار، ٺينڊي، چاس جي تند) جيئن ماڪيءِ جي لار (چڙي يا گهنڊيءَ ۾ پيل ڪاٺيءَ يا لوهه جي پيل ڪلي جي چپر، پاڇاريِ جي ڪاٺي، دل جو لاڙو

هنن ۾ سڻن آيل لفظ لار " ٻڌڻ "واري حس سان تعلق رکي ٿي . ٿنهن ڪري منجهائس ٻڌڻ وارو عڪس جڙي ٿو .

بيت جو ماحول ڪجهه هن ريت جڙي ٿو:

شاعر مخاطب سان ڳالهائيندي نصيحت ڪندي چوي ٿو تہ هو پنهنجي پرينءَ جي پچار ڪندي بيزار نہ ٿو ٿئي ويتر پنهنجي اندر ۾ ائين پيهي وڃي ٿو جيئن جڙي جي اندر " لار "وڄندي آهي .جڙو جڏهن حرڪت ۾ ايندو اهي تہ لار ان جي اندرئين حصي سان ٽڪرائيجندي مسلسل آواز پئي ڪيندي آهي .منجحس ماٺار نہ هوندي آهي .جيستائين جڙو ياڻ نہ بيهي .يعني تہ جڙي جي اندر جيئن لار وڄي ٿي ائين تون بہ پنهنجي اندر ۾ پرينءَ جي پچار ڪندو پيو رهہ ۽ ان ۾ ٿڪجڻ، ڪڪ ٿيڻ يا بيزار ٿيڻ جي ڳالهہ نہ ڪر.

هن مان مخاطب، متڪلم، جڙو، لار، پرينءَ جهڙا عاليشان عڪس جڙن ٿا .جنهن سان هڪ عاليشان ماحول جڙي ٿو .جيڪا شاعر جي ڏاهپ چئبي.

گوڙ:

"وائي "سارنگ لاهج سوڙ، مينهن وسائي مارئن جي،
اتر ڪنون ٿي آئيو، غازي ڪري گوڙ ...الخ"
)بلوچ،2005ع،ص(33

هن ۾ آيل نوان لفظ:

سارنگ :مينهن، ميهوڳيءَ جي موسم

سوڙ :تشبيهہ، ڪڪرن کي سوڙ سان تشبيهہ ڏيڻ

مارو :مال چاريندڙ، مال تي گذارو ڪندڙ

هن وائي ۾ آيل ماحول جو لفظ ٻڌڻ واري حس سان تعلق رکي ٿو . جنهن سان ٻڌڻ جو عڪس جڙي ٿو .

وائي ۾ آيل ماحول جو عڪس ڪجهه هن ريت آهي .شاعر سارنگ سان مخاطب ٿي چويس ٿو تہ هاڻي هن سوڙ يعني ڪڪرن کي وسائج، ۽ مارن لاءِ مينهن وسان تہ هو مال چارين اهڙي مينهن سان

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

مخاطب آهي جيڪو اتر طرف اچي رهيو هجي ۽ ان سان گوڙ جي گجگوڙ بہ شامل هجي ٿي .هن ۾، سارنگ موسم جو وايو منڊل، ڪڪرن، مينهن، سوڙ، گوڙ جي آواز جا عڪس جڙن ٿا، جنهن مان مينهن گجگوڙ ڪندو وسڻ وارو هئڻ محسوس ٿئي ٿو .اڄ بہ لکڻ مهل 2023079 تي بہ اهڙو ئي ماحول جڙيل آهي .جهڙو نبي بخش قاسم هيءَ وائي مينهن سان مخاطب ٿيندي مون کي پڙهائي رهيو آهي .جهڙو عڪس سامهون بيهي ٿو ۽ منجحس گوڙ جا آواز آهن جيڪي ڪنن ۾ نڪاءُ ڪندڙ محسوس ٿين پيا.

هن مان شاعر جي عڪاسي ۽ منظر ڪشي عاليشان اهي.

هُلّ :

”هاگامان ۾ هُلّ سُجن سمونڊ جا،

آندا تن املّ، جي آسون پڪي اوهريا “

)بلوچ،2005ع،ص(17

بيت ۾ ايل نوان لفظ :

هاگامان :هڪ هل هگامون، گوڙ گهمسان، ڌمچرڌچو

هل :گوڙ، شور، ڌمچو، واڪو ڪرڻ واڪاڻ

سڄن :سجهڻ معلوم هجڻ، خبر هجڻ، هرڻ) دل ۾ (يا نئڻ، محسوس ڪرڻ،

ڪنّ :ڌرياهه وغيره ۾ پٽيءَ جو گهرو گرداب يا اونهون پاٽِي

اَملّ :املهه بي بها بيحد، قيمتي

آسون :آس :ت) آش :ف :آز (اميد خواحش، سڌ

اوهريان :اوهرڻ :م اسرڻ .اوسهڻ، هلڻ، پري وڃڻ

هن بيت ۾ لفظ” هُل “پڏڻ واري ” حس “سان تعلق رکي ٿو جنهن کي پڏڻ وارو عڪس چئجي ٿو .

هن بيت جي ماحول جو عڪس ڪجھ هن ريت آهي .سمنڊ جي ماحول ۾، سمنڊ اندر ڪن جو آواز، گوڙ گهمسان، يا ڌمچر مچائڻ جهڙو آواز پيا ڪن، انهن جي اندر جيڪي ويا اهي اميدون لاهي پو هلن ٿا ۽ سمنڊ مان اهڙي خوفناڪ ماحول ۾ سر جو سانگو لاهي بہ هو گهرائيءَ مان وڃي موتي ۽ اهڙيون بيون قيمتي شيون ڳولهين ٿا .پر جي پوئتي جو الڪو ڪندا تہ اهي ڪجھ بہ ڪري نہ سگهندا .

هن ۾غواص ڪُنن جي ” هُلّ “ هنگامن کان بي پرواهه ٿي لهڻ وارو ماحول، ڪُنن اندر ٽٻي ڏئي وڃڻ وارو عڪس ۽ موتين وغيره جي عڪسن جي تصوير جڙي ٿي .خاص ڪري پڏڻ جو عڪس، ڪُنن جو

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
**Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

هل هنگامو سامهون ڪنن ۾ ڪڙڪا، ڌمڪا ۽ ورن وڪڙن وٺ پيدا ٿيندڙ وٺن جو آواز هڪ شڪل ذهن ۾ ناهي وني ٿو .جنهن کي ٻڌڻ جو عڪس چئبو جيڪو شاعراڻي صلاحيت کي اجاگر ڪري ٿو.

الف بي وار بي نمبر تي چکڻ جو عڪس اچي ٿو .هتي چکڻ مان مراد چا آهي .لکي پوءِ مثال پيش ڪجن ٿا .

**2چکڻ وارو عڪس:**

” هن حس جو تعلق زبان سان آهي .زبان جي ذريعي جيڪا محسوسات ٿئي ٿي .تنهن کي چکڻ واري حس چئبو آهي .ان مان جيڪي شڪليون سامهون اچن تنهن کي چکڻ وارو عڪس (taste image) چئبو آهي ) ” .ڪيريو،2019ع، ص (286

چکن:

”ڏڪن مٿي ڏڪڙا، چانر چکن جينءَ،
مهريون معشوقن جيون، تو پڻ سٽج تيئنءَ
نگهن وجهي نينه چڙيو چگيرن کي “.
)بلوچ،2005ع،ص(4

هن ۾ آيل نوان لفظ:

مهريون :واحد مهري :ٺ :ڪاٺيءَ جو ڏنڊو، اکريءَ ۾ اکرڻ يا مصالي ڪٽڻ لاءِ

نگهن :واحد ٺ) ف (نگاهه نظر

نينه :نينهن، پريت، لئون، عشق

چڙيو :چلائڻ، چانورن تان ته ۽ چنو لهرائڻ، ان صاف ڪرائڻ، جاچ جوچ ڪرائڻ

چگير :واحد چگيري :ٺ :سونهن جو هڪ قسم

هن بيت ۾ ’ چکن ‘لفظ چکڻ واري حس سان تعلق رکي ٿو .۽ هن مان چکڻ وارو عڪس نکري ٿو .يعني جيئن چانور صاف ٿيڻ لاءِ ڏڪن مٿان ڏڪ سهن ٿا .تيئن تون بہ معشوقن جي مهرين جا ڏڪ سهُ، انهن تي عشق پري نظر وجه، سونهن پري نظر وجهہ نہ ڪي ڪا ہي .

هن مان ڏڪ، ڏکن جا آواز، چانور، چانورن جي ٽڙڻ، مهريون، معشوق ۽ ان جي سونهن جهڙا عڪس جڙن ٿا .۽ هڪ قسم جي تصوير جڙي اچي ٿي، جنهن ۾ اهو سچو منظر هوبهومحسوس ٿئي ٿو ۽ خاص ڪري’ چکن ‘لفظ جڻ اسان جي مٿان واردات ٿيندي محسوس ٿئي ٿي .جيڪا شاعر جي ڪمال ڏاهپ چئبي .

زهرُ:

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23
ماخذ تحقیقی مجلّہ

”ڪاري وڏو ڪالهه، وِهه مٽَ ۾ وترو،
ڪوڙين قاسم ڪيترا، ڪئيڙا زهز زوال،
ڪوٺي ان ڪلال، ميخاني تي مارئا، “
)بلوچ،2005 ع، ص(6
بيت ۾ نوان لفظ:
ڪاري :ڪارو نانگ، اصيل نانگ، اونداهو ڪاري رنگ جو، سياهه، سانورو، گناهن ۾ ورتل، ڏوهاري، رت – ڪاري
وه :وهه :ذ)سن، وش (زهر، وک، سم، تمام ڪڙي شئي
ويترو، :تهان ئي وڌيڪ، جهجهو، گهڻو، زياده
ڪوڙين :ڪوڙين، بي انداز، ڳاڻيڻي کان ٻاهر
زوال :ذ) ع (هيٺائين تي ڪرڻ، رجعت، ڪمي، گهٽتائي، پڇاڙي، لاٿ، ناڪامي، سج لهڻ جووقت.
ڪوٺي :مصدر ڪوٺڻ :ڪوٺڻ، سڏ ڪرڻ، سڏڻ
ڪلال :هندن جي هڪ قوم، شراب وڪڻندڙ، مئي فروش، شراب ٺاهيندڙ.
ميخاني :شراب خانو، شراب پيڻ وارو ماڳ
هن ۾ ’ زهر ‘لفظ چکڻ واري حس سان تعلق رکي ٿو .۽ هن مان چکڻ وارو عڪس ملي ٿو .جيئن چوندا آهن، ته ڪڙو جهڙو زهر ! وغيره
هن بيت مان ماحول ڪجھ هن ريت جڙي ٿو، هڪ اصيل نانگ ميخاني ۾ پيل شراب جي مٽ ۾ زهر هاري وڃي ٿو، جنهن ڪري شراب پيئندڙ جڏهن ڪلال جي ميخاني تي اچي شراب پيئندا وڃن ٿا ۽ اهي ڪرندا مرندا ٿا وڃن جيڪي ڪروڙين يعني لا تعداد آهن .هن مان ڪارو يعني اصيل نانگ مٽ ۾ زهر هاريندي زهرمٽ، ڪلال ميخانو ۽ مرندڙن جا لاش جهڙا عڪس ڏين ٿا .زبان تي چکيندي محسوس ٿئي ٿو چو ته زهر نالو وٺڻ سان ئي ماٺهوءَ جون ڪليون وڃي ويندي ون آهن ۽ هڪ دم، زبان چکڻ وارا چهٽا يا (TEST BIDS ) ڪم شروع ڪري ڏيندا آهن .شاعر اهڙي عڪس جي عڪاسي لفظن ۾ آڻي ڪمال حاصل ڪيو آهي .
سرڪ :
”رڻ راوت ۽ رڪ، ٿئي پرتا پاڻ ۾،
پيتئون پُرُ ٿيا، منجهان سيف سُرڪَ،
تيموري تُرڪ، هاجو ڪري هليا “.

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23
ماخذ تحقیقی مجلہ

)بلوچ،2005 ع،ص(48
بيت ۾ آيل نوان لفظ:
رڻ :ذ) سن، رن(، لڙائي، جنگ، جنگ جو ميدان، سڄ، ويراني، وڇ، بيابان صحرا
راوت :راجا، سردار، بهادر، سورهه، ڪوپو، شاهي ايلچي
رڪ :سخت، سخت دل، بي رحم ظالم
سيف :ت) ع (تلوار ترار، شمشير
سرڪ :ٿورڙو ڍڪ، سرڪي
تيموري ترڪ :تيمور شاهه پٺاڻ ۽ سندس سپاهي ترڪ
هاچو ڪرڻ :ظلم ڪرڻ، ڪيس ڪرڻ
هن بيت ۾' سرڪ 'پيئڻ يا چکڻ سان تعلق رکي ٿو .تنهن ڪري هن جو تعلق چکڻ واري حس سان آهي .۽ چکڻ وارو عڪس ڏئي ٿو .هن بيت ۾ هن قسم جو عڪس جڙي ٿو .تہ تيمور شاهه افغاني پٺاڻ سنڌ تي ترڪ سپاهن سان حملو ڪري رڻ ٻاري ڏنو هئائين پوءِ رڻ ۾ بادشاهه ۽ سندس ظلم هڪ ٿي ويو .تلوارن سان حملو ڪري تمام گهڻو نقصان ڪري ڇڻ تلوارن مان وهندڙ رت مان ڍڪ ٿي پريائون .ياد رهي تہ شاهه عبد لطيف جا وڏا بہ هن ئي ظالم بادشاهه جا سپاهي بنجي سنڌ ۾ آيا ۽ اتي ئي رهجي ويا .
هن مان رڻ راوت = ظالم بادشاهه، رڪ = ظالم سپاهي، سيف = تلوار، سرڪ = رت، تيمور بادشاهه، سپاهي ترڪ، سنڌين مٿان تلوارن جي وسڪاري جو منظر رت وهڻ وغيرهه جا چٽا پٽا عڪس اسان جي خيالي دنيا ۾ نظر اچن ٿا .جنهن مان هڪ ميدان ۾ جنگ دوران رڻ پٽ ۾ ظالمن طرفان ٿيل ظلم جي چٽي تصوير ذهن تي چٽجي اچي ٿي .ائين پيو محسوس ٿئي جيئن ڪو اها صديون پراڻي ٿيل واردات هينئر اسان جي اکين اڳيان ٿي رهي آهي .
ڪڙو ڪکوه :

"سڌڙيا سڌون ڪن، سدا مند شراب جون،
قاسم ڪڙي ڪکوهه جو ترو نہ چتو تن،
جي ڪڙا ڪيا جن، پيتيون تن پياليون ".

)بلوچ،2005 ع،ص(5
بيت ۾ آيل نوان لفظ:
سڌڙئا :خواهش ڪندڙ، آرزو ڪندڙ، تمنا ڪندڙ، شوق رکندڙ، طمع لالچ، حرص ڪندڙ وغيره

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

سڌون :خواهشون، آزو، تمنائون، شوق، حرص
ڪڪوه :ڳاڙهو شراب
چتو :ناپاڪ پليت آلودو

هن بيت ۾' ڪڙو ڪڪوه 'يعني ڪڙو ڳاڙهو شراب جنهن جو تعلق چکڻ واري حس سان آهي .جنهن مان چکڻ واري حس سان آهي .جنهن مان چکڻ جو عڪس ملي ٿو.

بيت جي ماحول مان معلوم ٿئي ٿو ته شراب جون پياليون رکو اهي پي سگهندا جن پنهنجا جيءَ ڪڙا ڪيا، يعني جيئن جي سڌ نه ڪيائون .باڪي جن جيئڻ جي سڌ ڪئي، سي شراب پيئڻ جي به رکو سڌ يا ٿلهي خواهش ڪري سگهن ٿا .باقي اهي پليت ڪڏهن به سگهندا .۽ اهي ان نعمت کان رهجي ويندا، هتي ڪڙي ڪڪوه مان مراد شراباءَ طهورا آهي جنهن جي اصطلاحي معنيٰ هي نڪري ٿي :شراب جي مند مان مراد جهاد في سبيلااللّھ ڪرڻ آهي .واللّھ اعلم .

هن مان شراب ڪڪوه ، ڪڙو، سڌڙيا، پيئڻ، پاليون وغيره جهڙا عڪس جڙن ٿا .تن مان ڪڙو ڪڪوه چکڻ واري عڪس کي ظاهر ڪري ٿو . جنهن جي پڙهڻ سان زبان چڻ ڪڙي ذائيقي کي محسوس ڪندي اثر وٺي ٿي . شاعر جي اهڙي عڪسبندي نمايان نظر اچي ٿي.

کند ۾ مصري:

”نياپي کي سچٹن، چئج چتائي چندَا!
وڏي ڪا وصال ۾، رات رقيبن رند،
محب مصري کندِ، شل ڪوڙائين ۾ ڪڏهن“
)بلوچ،2005ع،ص(10

بيت ۾ آيل نوان لفظ:

سچٹين :ص ) سن، سجن (خير خواحن کي پلائي چاهيندڙن کي، گهٹگهرن کي،

چتائي :چتائڻ :جانچڻ، تڪڻ، غور ڪري ڏسن، ڌيان ڌيارڻ، ياد ڌيارن، ٻڌائن، خبردار ڪرڻ، جتائن، تشبيھ ڪرڻ.

وصال :ذ) ع (ملڻ ملاقات ڪرڻ، ميلاپ، انتقال، وفات، وحدت ۾ فنا ٿيڻ

رقيبن :واحد رقيب :ص) ع (حريف، مقابل، ساڳئي معشوق جي عاشقن مان، ڪو به هڪ مّخالف.

ڪوڙائين :ڪوڙو يا ڪڙو محسوس نه ڪن

هن ۾ مصري، کندِ۽ ڪوڙيائين لفظ چکڻ واري حس سان تعلق رکن ٿا . هن مان مٺي ۽ ڪڙي ذائيقي جو عڪس ملي ٿو .

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

هن بيت جي ماحول جي حساب سان شاعر چنڊ سان مخاطب ٿي ڪيس نياپو ڏيندي چويس ٿو تہ سڄڻ ڪي چڱيءَ ريت چائي ڏسي سچاڻي چئجانس تہ محبوب جي ملاقات ۾ مخالفن رنڊڪ رات وڌي آهي .تنهن ڪري ملاقات نہ ٿي، محبت جيڪا ڪنڊ مصريءَ جهڙي آهي .تنهن کي ڪڏهن ڪڙو نہ پائين.

مٿي سڄي ماحول کي ڏسبو تہ محبت ۾ محبوب سان ملاقات ۾ رنڊڪ پئي آهي .جنهن جي ڪري چنڊ هٿان نياپو موڪلي معذرت ڪري ٿو .۽ محبت واري مٺاج کي قائم رکڻ گهري ٿو .هن ۾ ڪنڊ ۽ مصري بئي شيبون مٺو ذائيقو رکندڙ آهن . ۽ سندن نالي وٺڻ يا پڙهڻ سان زبان جا چهٽا پاٽيءَ سان پرچي اچن ٿا .۽ منجهائن چکڻ جو چٽو پٽو عڪس نظر اچي ٿو.

**چهڻ وارو عڪس:**

هن عڪس جو تعلق هٿن پيرن سان آهي .اهي عضوا جڏهن ڪنهن شئي سان لڳائيجن ٿا تہ منجهن ٿڌي ڪوسي يا گرم، سرد جي خبر پئي ٿي .۽ جڏهن انهن مان تصويرون جڙن ٿيون تڏهن انهن مان چهاءُ وراو عڪس جڙي ٿو . )ڪيريو،2019ع،ص(286

اهڙي چهاءَ وارن عڪسن جا مثال هت آئون خليفي نبي بخش قاسم لغاريءَ جي ڪلام مان پيش ڪيان ٿو .

پنڌ:

نا پسندي نگيو، سرجيو سونهن ماه،
پريان سندي پنڌ ۾، ڪرهو ڪاهيو ڪاه،
اکيون منجه اهاءُ، مرجان پس پرين کي ".
)بلوچ،2005 ع،ص(11

هن بيت ۾' پنڌ 'لفظ زمين سان پيرن جو چهاءُ ڪرائي ٿو .جنهن مان چهڻ جو عڪس جڙي ٿو .

آيل نوان لفظ:

نا پسندي :سياري جي موسم ۾ اتر اولھ کان لڳندڙ هوائون
ڪرهو :اٺ، ڏاگهو
اوهاءُ :شعاع، سهائو، پرتو، تجلو، چمڪو،
پر :پر ) سن پريہ (پرين پيارو

بيت جو عڪس ڪجھ هن ريت جڙي ٿو .سياري جي موسم،16 هن جنوري ماه) مهيني (جي تاريخ آهي .اتر اولھ جون ٿڌيون هوائون لڳن پيون پرين ڏي هلندي پنڌ ڪندي ڏاگها ڪاهيو پيو ڪاھ .اکين جي اڳيان پرينءَ جي پيرن جهڙا عڪس اچن ٿا .تن مان پنڌ ڪندي زمين جي گهرائي نرمي يا ڏوڙ جو چهاءُ

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23
ماخذ تحقیقی مجلہ

يا ڪندن ڪڙن جو چهاءُ بہ ازخود محسوس ٿئي ٿو .اهڙي عڪسبنديءَ شعر کي خوبصورتي بخشي آهي .

پاريو :

” مونکي جهلي پانهن، پاريو هوت هٿن سان، “

هن ۾ لفظ’ پاري ‘ڪوسي چهاءُ جو تاثر ڏئي ٿو، هن ۾ پانهن جو عڪس، پارڻ جو عڪس، شامل آهي .جنهن موضوع مطابق” پارڻ “چهاءُ يا چهڻ جو عڪس ڏئي ٿو .جنهن مان باهرڻ واري ڪيفيت محسوس ٿئي ٿي .جنهن ڪري ڪوساڻ جو عڪس ملي ٿو .

**نوٽ :**مقالو طويل ٿيڻ کان بچاءُ خاطر بہ بہ مثال ڏئي .عڪس ختم ڪجي ٿو .ٻن ٻن مثالن سان بہ ڏه ڏه صحفا ٿين ٿا .تنهن ڪري اختصار کان ڪم وٺي هتي باقي عڪسن جا مثال پيش ڪجن ٿا .

ڏسڻ جو عڪس:

ڏسڻ جو عڪس اک سان تعلق رکي ٿو، ان ڪري هن کي ڏسڻ واري حس ڪوٺجي ٿو .هتي آئون خليفي صاحب جي شاعريءَ منجهان ڏسڻ وارا عڪس بيان ڪيان ٿو.

پسڻ :

” .اکيون منجهاوهاءُ، مرجان پسن پرين کي “.

)بلوچ،2005ع، ص(11

هن ۾ پسڻ ڏسڻ جو عڪس ڏئي ٿو .بيت مان مراد جڏهن اکيون اڳيان شعاعءُ ڏسڻ ۽ مرجان جهڙو پرين آهي، جنهن کي ڏسڻ سان سندس ادب ڪجي . هن شعر مان شعاع يا اهاءُ، مرجان ۽ پرينءَ جا عڪس ملن ٿا .جنهن مان منهنجو مقصد ڏسڻ جو عڪس آهي.

نور:

”ناسيندي ئي نور، قَمَرَ پس قريب جو،

منجها ڏيج سنيهڙا، هلي منجه حضور “

)بلوچ،2005ع،ص(11

هتي نور ڏسڻ لاءِ استعمال ٿيو آهي .چو تہ ڏسڻ جي حس جو تعلق اک سان آهي .۽ اک جيڪي ظاهري توڙي خيالي منظر ٿاهي ٿي سي چڻ هوبهو ڏسندي هوندي آهي .هن بيت ۾ شاعر چند کي عربي لفظ ”قمر “چئي مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ تون روشني ڪندي هلندو وڃين ويجهو ٿي تڏهن حضور ڪريم)صہ ( جي حضور منهنجا نياپا وڃي ڏجان.

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

هن مان نور، قمر، هلڻ، ۽ حضور پاڪ جي روضي جو عڪس جڙي ٿو .منهنجو مقصود ڏسڻ جي عڪس نور سان آهي .تنهن ڪري هتي ڏسڻ وارو عڪس نمايان ڪيو ويو آهي.

غير متحرڪ:

غير متحرڪ عڪس، اهڙو عڪس جيڪو چرپر نہ ڪري سگهي جيئن پٿر يا پهڻ، جبل، گهر،اوطاق وغيره يا وري اهڙيون نظرون جو ڪنهن سوچ ۾ ٻيهي وجن تہ اهڙي عڪس کي بہ غير متحرڪ چئبو .هتي آئون خليفي صاحب جي شاعريءَ مان غير متحرڪ عڪس مثال ڏئي پيش ڪيان ٿو:

پاهڻ :پٿر

”ويا اڏامي ڪَکَ، پڙ تا پاهڻ نہ چري“.

)بلوچ،2005ع،ص(47

هن سٽ ۾ ’ پاهڻ ‘اسم آهي .جيڪو غير متحرڪ عڪس آهي .چو تہ هو پنهنجي جاءِ تان چري پري ڪونہ ٿو سگهي، جيستائين کيس ڪا ٻي شئي چوريس نہ، تنهن ڪري شاعر ان کي غير متحرڪ عڪس طور استعمال ڪندا آهن .هتي هن سٽ ۾ جيڪو بيت جو منظر آهي .تنهن مان هڪ جنگ جي ميدان جي عڪاسي ٿئي ٿي .جنهن مان ٻڌڻا يا موت جي خوف کان لهرائيندڙ کي ڪکن سان تشبيه ڏني وئي آهي .جو ٿوري تڪليف جي ڪري ميدان ڇڏي ڪکن وانگر اڏامي هليا وجن ٿا .پر دلير يا مٿير مانجهي مڙس پاهڻ وانگر ڄمي مقابلو ڪري پاڻ ملهائي ويندا آهن .پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ کان سواءِ انچ بہ نہ هٽندا آهن .۽ ميدان ملهائي ڪاميابي حاصل ڪري وٺندا آهن .

هن ۾ اڏامڻ، ڪکن، پڙ، ۽ پاهڻ جهڙا نمايان عڪس موجود آهن جنهن مان پاهڻ غير متحرڪ جسم آهي، جيڪو غير متحرڪ عڪس ڏئي ٿو .

ڏونگر:

”وهاٽيءَ واهون، ڏيان ڏونگر وٽ ۾ “

)بلوچ،2005ع،ص(56

بيت جي هن سٽ ۾’ ڏونگر ‘اسم آهي .۽ هڪ غير متحهرڪ عڪس ڏئي ٿو .چو تہ ڏونگر يا جبل بيٺل شئي جو نالو آهي .اهي ڏونگر رڳو قيامت واري ڏينهن ئي پنهنجي جڳهہ ڇڏي سگهن ٿا .۽ ڪپهہ جي پوٽيءَ جيان اڏامندا .باقي دنيا ۾ مظبوط ترين شئي آهي .

هن سٽ ۾ سسئي چوي ٿي تہ جڏهن رات وهاٽي يعني پوئين پهر ٿي، تڏهن وجي جبل يا ڏونگر وٽ يا پر وجي ورتم چو تہ ڏونگر محفوظ رستو آهي .نہ تہ مٿائين يا هيٺائين تمام خطرناڪ هوندي آهي .پر وٽ هميشہ راهگيرن لاءِ چارا هوندا آهن .

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

هن مان ڏونگر، وٽ، واهون) گس (جهڙا عڪس جڙن ٿا .جن مان غير متحرڪ عڪس جو تاثر ملي ٿو ۽ ڏونگر تن ۾ نمايان عڪس نظر اچي ٿو.

**6سوچڻ وارو عڪس:**

ذهن ۾ خيالن ۽ سوچن ۾ ڪيئي تصويرون جڙن ٿيو .تن تصويرن کي سوچڻ واري حس چئبو آهي .تنهن مان جڙندڙ عڪس کي سوچڻ وراو عڪس چئبو آهي .هتي آئون خليفي صاحب جي شاعرِءَ مان مثال ڏئي سوچڻ واري عڪس کي وائيکو ڪندس .

ثواب :

”سريم ساٿ ڏٽيءَ جي، ڏني سونهن ثواب،
آسو انهين عذابن، قاسم لاٿا ڪيچن تان“
)بلوچ،2005ع،ص(52

هن ۾ ثواب لفظ معنوي ڪيفيت جو نالو آهي .جيڪا صرف محسوسات آهي .يعني ڪنهن نيڪيءَ جو بدلو ان ڪري هن کي سوچڻ وارو عڪس ڪونجي ٿو .

بيت مان مطلب هي ٿو نڪري اچي ته شاعر ساٿ ڏٽيءَ سان ڪيچ مڪران ڏانهن هلي ٿو .جنهن جي ساٿ سبب اڻ ڏٺا عذاب ڏور ٿين ٿا .چو ته رڳو ان جي سونهن ڏسڻ به ثواب آهي .تنهن ڪري سونهن جي تعريف سبب سڀ گناه لهي ٿا وڃن .

هن مان معلوم ٿيو ته معنوي انداز ۾ شاعر پاڻ سڳورن) صه (جي زيارت ڪن ٿا .جيڪي کين پنڌ ۾ سچي قافلي سان گڏ هلندي ٿئين ٿي .۽ پاڻ سڳورا) صه ( جي زيارت ڪرڻ سان سندس سونهن پسي ٿو .۽ جنهن زيارت ڪئي ان جا گناه معاف ٿي وڃن ٿا .اهڙا عذاب جي ڏسي به ڪونه ٿي سگهيا سي به معاف ٿي ويا .

هن مان ساٿ، سونهن، ثواب، اسونهين، عذاب وغيره اهڙا عذاب آهن .جن جو تعلق سوچ واري حس سان آهي .۽ منجهائن سوچڻ واري معنوي عڪس نظر اچن ٿا .جيڪي صرف محسوس ڪري سگهجن ٿا .ثواب به انهن مان سوچڻ وارو عڪس آهي.

درد ۽ دارون:

”درد طبيب دارون ڏيندو، حال حبيب دارون ڏيندو،
دارون ڏيندو مون گهر ايندو “
)بلوچ،2005ع،ص(4

هن سٽ ۾درد ۽ دارون ڪيفيت جا نالا آهن .جن کي اسم ذات چئبو آهي .۽ هي صرف محسوس ڪبو آهي .هن جو تعلق ذهن سان آهي .جنهن کي سوچڻ وري

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

حس چئبو آهي .هن مان سوچڻ وارا عڪس جڙن ٿا .بيت جي سٽ مان مراد شاعر درد سان معنوي طور مخاطب ٿي چوي ٿو تہ اي درد !حبيب منهنجو جڏهن ايندو تڏهن دارون معنيٰ دوا يا شفا هو پاڻ منهنجي گهر اچي حال احوال وٺي ويندو . جنهن سان سندس شفا ٿيندي .مطلب تہ سندس درد جي دوا حبيب جي اچڻ سان مليس ٿي .۽ اهو ئي سندس دارون آهي .

هن ۾'درد '۽' دارون 'معنوي عڪس آهن .جن جي پڙهن ساڻ جسم ۾ درد جي ڪيفيت محسوس ٿئي ٿي .۽ دارون لفظ ڪنهن شفا يا درد ڪان آٿت ملڻ جو اهڃاڻي معنيٰ رڪندڙ آهي .جيڪي نهايت ئي بهترين عڪسبنديءَ جا مثال آهن .

**سنگهڻ وارو عڪس:**

هن جو تعلق نڪ سان آهي .جنهن سان خوشبوءِ يا بدبوءِ جو احساس ٿئي ٿو .ان مان ٺهندڙ تصويرن کي سنگهڻ جو عڪس ( Olfactory image) چئبو آهي .هن سان ڪيترن ئي شيئن جي سڃاڻپ ٿي سگهندي آهي .مثال :خراب، سٺو، يا شين جي خوشبوءِ جيئن ڏاڻا آهن يا مهندي آهي وغيره

هتي آئون خليفي صاحب جي شاعريءَ مان چند مثال هتي پيش ڪيان ٿو .جيڪي سندس شاعريءَ مان سنگهڻ واري عڪس کي وائيکو ڪندا:

ڪٿوري :

"پنهل سندي پير جي،خاڪ ڪٿوريءَ هاڻي ".

)بلوچ،2005ع،54(

هن ۾' ڪٿوري 'هڪ بوٽي آهي .جنهن جي خوشبوءِ تمام گهڻي وڻندڙ آهي .هن جو تعلق نڪ واري حس سان آهي،هن مان خوشبوءِ جو عڪس جڙي ٿو .جنهن سان دل کي راحت ملي ٿي .بيت جي معنيٰ هن ريت آهي تہ سسئي پنهل جي پير هيٺان آيل خاڪ کي ڪٿوريءَ سان ڀيٽ ڏئي ٿي .ڇو تہ هو سندس محبوب آهي .تنهن ڪري سندس محبت اهڃاڻ' ڪٿوري 'مٿل مٽيءَ کي سمجهڻ مان محسوس ٿئي ٿو .

ڪنٽهار:

" مهري ٺوئر مقيس جا، ڪڙيا ڪنٽهار."

)بلوچ،2005ع،ص52(

هن ۾ مهري اٺ جي مهار ۾ جيڪي ٺوئر لڳل آهن تن کي ڪنٽهار گل جي ٽڙڻ واري حالت سبان تشبيهہ ڏئي ٿو .ڇو تہ ڪنٽهار گل جڏهن ٽڙندو آهي .تڏهن تمام گهڻا سهڻا گلابي ۽ اڇاڻ تي مائل گل، مڪئي جي ڦلن جهڙي شڪل جا ٿيندا آهن ۽ سڄو گل چڻيءَ جي شڪل جو هوندو آهي .سندس خوشبوءِ جهڙي ڪٽي مٺي محسوس ٿيندي آهي .

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

هتي شاعر اٽ جي مهار تي اٽيل ڦندڻن کي گاهہ سان تشبيهہ ڏني آهي .۾ هن مان نڪرندڙ خوشبوءِ معطر ڪندڙ ۽ دل کي فرحت ڏيندڙ عڪس پيش ڪري ٿي . جنهن کي سنگهڻ جو عڪس چئبو.

متحرڪ عڪس:

متحرڪ عڪس اهڙين حالتن کي چئبو جنهن ۾ شيئون چرپر يا حرڪت ڪندڙ محسوس ٿين .انهن مان ٺهندڙ تصويرن کي متحرڪ عڪس چئبو .هتي آءُ اهڙن عڪسن کي خليفي صاحب جي شاعريءَ مان پيش ڪندس :

ريلو:

”قاصائڪي ڪوءِ، رت ريلوئي نہ سڪي “

)بلوچ،2005ع،ص(3

هن ۾’ ريلو ‘لفظ جي معنيٰ رت جو تمام وهي هلڻ آهي .هن رت جو وهڻ متحرڪ حالت ۾ آهي ان ڪري هن کي متحرڪ عڪس چئبو .ڇو تہ جڏهن ان جي ريلي جي ڳالهہ ٿيندي تہ اسان جي ذهن ۾ رت وهندڙ آهي ان ڪري هن کي متحرڪ عڪس چئبو .ڇو تہ جڏهن رت جي ريلي جي ڳالهہ ٿيندي تہ اسان جي ذهن ۾ هڪ رت جي وهڻ جي شڪل ذهن تي ترندي ايندي ۽ اهڙي شڪل يا صورت کي عڪس چئبو جيڪو متحرڪ حالت ۾ آهي .هتي بيت ۾ چوي ٿو تہ جيئن قاصائي هڪ ڍور پنيان پيا ڍور ڪهندا آهن .۽ رت جاري وهندو رهندو آهي . تيئن هڪ جنگ جي ميدان ۾ جوانن جو رت ريلو ڪري وهي ٿو .۽ سڪڻ جي تہ ڳالهہ ئي ڪانهي .جهڙي تشبيهہ ڏئي هڪ عڪس جڙي ٿو.

هن قاصائي، رت، ريلو، ۽ ڪهڻ جي ڪار جهڙا عڪس جڙن ٿا تنهن مان ” ريلو “متحرڪ عڪس آهي .

لهرون:

”جهوني ٻيڙي، جهاجهہ گهٽي، وچ وڏاندر وير،
لهرين جي لپاٽ سين، ڪوڙيين پچن ڪير
پسي دور درياهَ جو، قاسم ! ڪنبن ڪبير “.

) بلوچ،2005ع،ص(21

هن بيت ۾’لهرين ‘لفظ متحرڪ عڪس کي ظاهر ڪري ٿو .لهرون گرميءَ جي شدت ڪان هوا ۾ شامل ٿي، سمنڊ ۾ زوردار حرڪت سان سفر ڪنديون آهن .ڪڏهن تہ وڏن وڏن ٻيڙن کي پنهجي طاقت سان نيست و نابوز ڪيو ڇڏين هن بيت ۾ سمنڊ ۽ سمنڊ جي لهرين ۽ ٻيڙين جي ماحول جو عڪس چٽيل آهي .جنهن ۾ هڪ پراڻي ٻيڙي) جهوني (جو ذڪر ٿيل آهي .جيڪا هڪ جهوني ٻيو تہ وڏين لهرين جي وير وچ ۾ هجي تہ چڻ ڪيس لهريون لپاٽون هٽنديون هجن ۽ هوءَ پڇي ميدان خالي ڪري نہ سگهندي هجي .جهلا پڇيو پون .اهڙي حالت ڏسي

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 4, Issue 4, (Oct to Dec 2023)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2023(4-IV)urdu-23

ماخذ تحقیقی مجلہ

شاعر ’ قاسم ‘چوي ٿو تہ لهرين جو اهڙو لڪاءُ ڏسي وڏا دلير بہ ڪنبيو وڃن .چو تہ لهريون يا سمنڊ جون ويرون دهشت پيدا ڪندڙ هونديون آهن .جن جي دهشت وڏن وڏن کي ڪنبايو وجهي ٿي.

هن مان لهرون، ويرون، ٻيڙي، سمنڊ، لپاٽ ڪير، درياهه وغيره جا عڪس جڙن ٿا .تن مان ويرون، لهرون، لپاٽ ڏرياهه متحرڪ عڪس آهن .تن مان لهرون يا لهريون واضع متحرڪ عڪس آهي.

انهيءَ سان گڏ مقالو پڄاڻيءَ کي پهچي ٿو .اميد تہ هن مقالي جي پڙهڻ کان پوءِ شاعري يا نثري صنفن مان اهڙي عڪسبندي ڪيڏي سنڌي ادب ۾ هڪ شهپاري سان گڏ ايندڙ نسل لاءِ ڪم جي گنجائش ۽ تحقيقي ڪم جي راهه هموار ٿي پوندي ۽ شاعر خليفي ’ قاسم ‘جي ڪم جي سارا هه ۽ قدرداني پڻ ٿيندي ۽ صدين جي محنت وري منظرعام تي اچي نوان خيال ۽ ماضيءَ جي ياد تازي پڻ ڪندي .

**ڪتاب**

1بلوچ، عبد السّتار، محقق ۽ مرتب :پروفيسر، ڊاڪٽر، غلام علي الانا، تقديم : 2006ع، هڪ جلدي، سنڌيڪا لغت، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي .
2بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، مئولف، شيخ محمد اسماعيل، مددگار،2017 ع، ”هڪ جلدي سنڌي لغت“، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدر آباد سنڌ.
3بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر ”تحقيق ۽ تصحيح،2005 ع،” خليفي صاحب جو رسالو :خليفي نبي بخش صاحب جو رسالو، ۽ متفرقہ ڪلام“، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو .
4عباسي، تنوير، ليڪڪ2015 :ع، ” شاهہ لطيف جي شاعري“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، سنڌ
5ڪيريو، جيئڻ خان، ڊاڪٽر، ليڪڪ،2019 ع، ” جوڳيءَ تي جڙاءُ مير محمد پيرزادي جي تخليق هڪ تحقيقي اڀياس“، سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ
6ميمڻ، صاحبڏنو، استاد، سهيندڙ،2003 ع، ” سخن اعجاز “، بزم اعجاز نيو سعيد اباد
7ميمڻ، عبد الرشيد، مصنف،2006 ع، “ سنڌي سنڌيانگريزي لغت“، سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، سنڌ